# مينهن ڪڻيون

(شاعري)

شيخ اياز

روشني پبليڪيشن

ڪنڊيارو

1999ع

ROSHNI BOOK NO. 156

ڪتاب جو نالو: مينهن ڪڻيون
موضوع: (شاعري) هائيڪو
شاعر: شيخ اياز
ڇپائيندڙ: © روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو
ڇپيندڙ: فائين ڪميونيڪيشن حيدرآباد
ڇاپو پهريون: 1999ع

**ILMI GRAPHIC PRINTING PRESS - KARACHI PH: 6372706**

MEENAHN KANYOON
(SINDHI HAIKU)

Poet: Shaikh Ayaz
Published by: © Roshni Publication, Kandiaro
Printed by: Fine Communication, Hyderabad
First Edition: 1999

انتساب

سوڀي گيانچنداڻيءَ
حشو ڪيولراماڻيءَ
۽
ڪيرت ٻاٻاڻيءَ
جي نالي

# پيش لفظ

شيخ اياز سان منهنجي پهرين ملاقات خيرپورميرس جي سرڪٽ هائوس ۾ ٿي، جتي هُو غلام عباس پنيري جي دعوت تي ٻالڪ سنگت جي ڪنهن جشن ۾ آيل هو، هُن جي ڳُهور جو ڦهلاءُ نيري آڪاس تي ۽ دل جو ڏيان پنهنجي آڱرين ۾ اٽڪيل سگريٽ تي هو. اُها ملاقات بنهه مختصر هڪ پتنگ جي جياپي جيتري هئي، مُون اجان مس ادبي وکون کڻڻ شروع ڪيون هيون، وچ ۾ تمام گهڻو عرصو وهي ويو ۽ ڪيترين ئي لهرون ڪيترن سالن کي لوڙهي ويون. ٻي ملاقات مون سائٽس ڪراچيءَ جي پرنس ڪامپليڪس واري فليٽ ۾ ڪئي، جنهن ۾ مون سان نوجوان شاعر حبيب ساجد، امر اقبال به هئا. اُها ملاقات ڪجهه گهري ۽ ڪجهه ويجهڙي رهي، جنهن ۾ اسان ڪجهه موضوعن تي ويچار ونديا. جڏهن ته ٽين ملاقات مون شيخ اياز سان، پنهنجي شاعريءَ جي ڪتاب "ياد جي نيري ندي" جي حوالي سان ڪئي، جيڪر مان هن لاءِ نواب شاهه مان ڪٽي آيو هوس، مون سان سڪندر ملاح به هو. اياز ڪتاب جي ڇپائي ۽ ٽائيٽل جي چونڊ کي پسند ڪندي اجان اظهار به نه ڪيو هو ته، مون سندس آڏو هڪ گذارش رکي ته مون وٽ هڪڙو خيال آهي ته، توهانِ جا هائيڪا ڪنهن نئين انداز سان ڇپرائجن، پوءِ مون پنهنجي خيال جي ريشمي پاند کي سندس آڏو کولي رکيو ته، هڪ صفحي تي ٽي هائيڪا هجن، جن مان وچين هائيڪي تي هڪڙو لاڳاپيل خوبصورت اسڪيچ هجي، جنهن کي پڻ هڪ پوري صفحي تي جاءِ ڏجي، خيال جو اظهار ڪندي مون اها به گذارش ڪئي ته اسڪيچ جو ڪم دراصل آرٽ سان تعلق رکي ٿو، جنهن ڪري ان ۾ ايتري تڪڙ ٿي نه سگهندي، ڇو ته مصور جي مرضيءَ جو خيال به رکڻ ضروري آهي. مون مصور لاءِ پنهنجي دوست ۽ نوجوان آرٽسٽ اي. آر آزاد جو نالو ڪنيو، جنهن

هائيڪن سان گڏ سندس اسڪيچن کي ڏسندو تہ يقين اهو هن لاءِ وڏو اعزاز هوندو، جنهن کان هو محروم رهجي ويو.

سچ اهو آهي تہ اي. آر آزاد تمام گهٽي موهہ ۽ پيار مان اسڪيچ ٺاهيا آهن، جنهن کي ڏسي اکين جا احساس سراپا اڏام جو تصور بنجي وڃن ٿا، پر انهن جي ڇپائيءَ لاءِ اڃان هن کي ڪجهہ انتظار ڪرڻو آهي.

چو تہ اسان جي پياري علي نواز گهانگهري روشني پبليڪيشن جي پبلشر جو خيال آهي تہ، پهرين شيخ اياز جا هائيڪا ڇپجڻ گهرجن، ڇو تہ، بنيادي اهميت هائيڪن جي آهي. جيڪڏهن پهرين ني هائيڪن سان گڏ اسڪيچ ڇپبا تہ هائيڪن جا احساس پس منظر ۾ هليا ويندا. سو هائيڪن جي ڇپجڻ کان پوءِ اسڪيچ ڇپجڻ گهرجن تہ جيئن شاعر جي هائيڪن جي بنيادي اهميت قائم رهي. مون کي هن جي خيال سان ان ڪري بہ اختلاف ناهي جو هُو بيءِ ويهڪ ۾ اسڪيچ ڇپائڻ جو خيال رکي ٿو، جن جي پڻ هائيڪن جي ون ۽ واس جيان الڳ اهميت آهي، پر انهن جو Thought وري بہ هي هائيڪا ئي آهن، جن جي تصوريت آزاد کان اسڪيچ ٺهرايا آهن.

اياز جي سڄي شاعري سون آهن، ان ۾ ڪٿي بہ مٽ ناهي، مون هنن هائيڪن کي ور ور ڪري پڙهيو آهي، جن ۾ اياز نوان تجربا بہ ڪيا آهن ۽ ڪيترا هائيڪا چند ڪان هٽي علم عروض تي بہ لکيا اٿس، دراصل اياز پنهنجي شاعريءَ جي راهن تي ان پوپٽ جيان هو، جنهن کي اُڏڻ ۽ ساهي کڻڻ لاءِ ڪنهن گل کان يا گلن جي مالهيءَ کان آگيا وٺڻي نہ پوندي آهي. جنهن ڪري شيخ اياز پنهنجي شاعري ۾ مسلسل تجربا ڪندو رهيو، جنهن کي اسين سندس ڏيڍ سٽن ڪان وٺي هنن هائيڪن تائين محسوس ڪري سگهون ٿا. اياز جي هنن هائيڪن جي فڪري گهرائيءَ، نازڪپڻي ۽ خوبصورتيءَ بابت مان ڪابہ سٽ نٿو لکان ڇو تہ اُهي پنهنجي آرسي پاڻ آهن، جن کي ڏسڻ سان خود اکيون ان رسائيءَ تائين پڄي وڃن ٿيون، جتي اياز رسي اُهو حُسن محسوس ڪيو جيڪو يا تہ خوابن ۾ هوندو آهي، يا وري اياز جي شاعريءَ ۾.

وسيم سُومرو

حيدرآباد
23 جولاءِ 1999ع.

شفق جو ليڪو
ڇڻ جنڊيءَ تي ڏورڙو
آهي ڪانيءَ جو.

○

ڪتيءَ توڙي مانگهه
آهي پوئين پهر ۾
مونکي تنهنجي تانگهه.

○

نچن ٽپن تا
تو جهڙا شاعر ڪٿي
ڪنهن کي لِپن تا؟

○

هڪجهڙو انسان
جهڙو پاسو تون ڏسين
ٿرُ يا چولستان.

○

ڪاتي پَنڌ ڪُتي
ڪِٿن چئجي ڪنهن جاءِ تي
پنهنجي تند ٿُٽي!

○

هئن منهنجي تقدير
آهي گنجراٽي چِڏي
چالئہ تو ڪشمير؟

○

جڻ ڪا ڪانچ ڳُڏي
هي دنيا جا اوچتو
تالان والان ٿِي.

○

چو اي منهنجي ڏات
ايڏي ڪمزوري هئي
تنهنجي عورت ذات؟

○

ميان، مان وهمي!
توکي پنهنجي پاڻ لئه
ڪيڏي خوش فهمي!

○

درد ويو وسري
ڏس، هي ليڊي ڊاڪٽر
ڇڻ جهڙي مصري.

○

ڏارو ڏارين تي
اُڪريءَ ڏي ايندا ڏسي
ڪانگ اڏارين تي.

○

ايمرجنسي وارڊ
ڪير اچڻ چاهي پيو
ڪنهن جو آهي ڪارڊ؟

○

مان منهنجو بستر
ڪيڏي سهڻي نرس آ
ڄڻ ڪو ڪبوتر!

○

من موهي ٿو منڊ
آڱريون ڄڻ مينهن جون
ڇُهن پيون چنڊ.

○

گهر ڪيئي تڪرار
مان ۽ منهنجي شاعري
مان يا منهنجا ٻار!

○

ڏينهن اچانک ٿيءُ!
گذري ويندينءَ نيٺ تون
رات پيانک ٿيءُ!

○

ڪيڏيون تباهيون!
آهن ساريءَ سنڌ ۾
باهيون ئي باهيون!

○

هيٺن هٿين خالي؟
مون پانيو پيغام آ
پر هي ٿپالي...

○

پڌري ٿي پريات!
آخر رهندي ڪيترو
هيءَ پيانک رات؟

○

وَج، وج مينهون چارِ!
آنءُ نہ تولئہ تار کي
ٻيهر ڪندس پارِ.

○

ڪڪر ڏس ڪارا!
جهڙ ۾ جهڪمن ڪين ٿا
هاڻي تہ تارا!

○

مٿان منڊ رنو
ميجي ڦاٽي ڄار ۾
هيٺان سمنڊ رنو.

○

"ماڪ ڦڙا ڪيڏانهن"
"هو جي گُلَ گلاب جا
خوشبو آ جيڏانهن."

○

ڪنهن ۾ اَڪ ڪُتَي
جنهن کي سوسيءَ جو وڳو
ملتاني جُتي.

○

اڄ تائين مون سار
ڪنهن جو اڳڻ ريشمي
سوسيءَ جي شلوار.

○

من ۾ چا نہ امنگ
هُو جا شفق شام جي
گربيءَ جهڙا رنگ!

○

ماڻ بہ ايڏي ماڻ
هاڻي ڪجهہ چپ چور تون
توڙي ڪائون ڪاڻ!

○

ڪنهن سان لنوَ لاتئي
ڳاڙها ڳانا پَٽَ جا
ڳچيءَ ۾ پاتئي؟

○

مڇيون ڳولن تيون
هيڏي ساري سَمنڊ ۾
ڪنهن کي ڦولن تيون؟

○

جڻ ڄاڻي واڻي
هن ساري سنسار جي
ڪوڙي ڪهاڻي!

○

هي جا عِشا بانگ
ٻيا پئي اُڀَ ۾
جنهن جا دور ڇلانگ!

○

گذري رات وئي
ڪئن آ مندر گِهندَ تي
پوپٽ نند ڪئي!

○

آهي جڻ تہ چراغ
پيشانيءَ جي طاق تي
هو تهجد جو داغ!

○

اي ازلي آواز!
جو سڀ حيرت ۾، پڙهي
مون جنهن وقت نماز!

○

ساري رات سماع
پٽ ڏٿيءَ جو وجد ۾
پوئين پهر وداع!

○

آهي ڪي قوال
ڪجهہ بہ نہ جنهن جي پيٽ ۾
سارو مال منال؟

○

آهي اِذان ويرِ
هوءَ پئي مٿان مصلّي
ٿاهي گهگهي گهير.

○

توکي وِڄ وجود
روئي ڪري جٺن پَڙهيہُ
ساري رات درود!

○

ڇا هِي منهنجو ديس؟
ڇا هِي ديسي آهہ جنهن
پاتو منهنجو ويس!

○

وَجَ هٽن تا ٻون
هن اونداهيءَ رات ۾
سارو وقت مِرون.

○

هِي پاڻيءَ ۾ گهرَ
منجر پيچي مانڙي
پرسان ساوا سَرَ!

○

هيءَ تہ آ ڪجھہ اور
ڪالھہ ڏنو تي واٽڙو
ٻُڪي شاھہ لهور!

○

اڄَ بہ مئا بارَ
ڊالر اگھہ چڙهي ويو
روزاني اخبار.

○

نيٺ تہ پکڙي پيھہ
هُئي رستي تي لاش وٹ
ڪيڏي ڳپا ڳيھہ!

○

هاڻ نہ اِن ڪي سارِ!
اُن جو نالو ڇو رکيو
تو دلي بازار؟

○

ڪيڏا مرن ٽا
پو بہ شهر وهي پيو
پو بہ نہ ڏرن ٽا!

○

سَرءُ واءُ، زمين
پن ڇڻيان جيئن واءُ مان
چوڏاري قالين.

○

ڦِٽي مٺي ننڊ
وڃن پيا واءُ ۾
ڪيڏا سَرءُ ڳھنڊ!

○

ڏس ھي ماڪ ڦڙا
ڪنھن نہ گلابي ويس تي
پريا ھِيئن ٻُڙا.

○

ڪيڏي چانڊوڪي؟
شاعر پنھنجي ڪلڪ جو
اڄ آھي روڪي!

○

ڪکر مينھن منجھان
ڪارونجھر جي ڪورَ تي
دل چيو "وڃ نہ ھتان"

○

جيسين سڄَ اُيارَ
آڌيءَ جو خوفائتا
ڪيڏا هيٺ اُتارَ.

○

ڇا هيءَ منهنجو ڏڪر
جنهن مان تيزيءَ سان وهيو
آهي منهنجو رَتُ!

○

ڇا ڇا جهلڪا هير جا
ڪنهن ڦلواڙيءَ ۾ اِهي
اڄ وارا گُل ڪونہ ها!

○

ماڻ، اِنهيءَ ڪي ماڻِ
هي جا گهاٽي مينهن ۾
سانوڻ جي سانواڻ!

○

نيٺ صدي اِڪويهہ
ٻاڙها گُل گلاب جا
ڪونہ رهيا تشبيهہ.

○

ڄا ڄا سارون من
جڏهن ڪٽيءَ مينهڙا
سانجهيءَ وير سِمَن.

○

مذهب ڪم آيو
ماديّت ڪنهن ڪي جڏهن
ڪُلهئون ڪيرايو.

○

ميان، هي بوتل!
مٽان جهڙ ڦُڙ اُبَ جي
جيءَ نہ اچي جهل.

○

چو تو ڪائين خار
توئي پاڻ ڏکي ڪري
مون کي ڪيو ڏار.

○

اي اسلام آباد!
مون، ڪنهن ڪنهن سان ڪار ۾
بارش آئي ياد؟

○

تازو ٻُور، هواءِ!
مون گهر پرسان جا هُئي
نمَ ڪيئہ ڇالاءِ؟

○

تو لاهي تالهيون
ڪهڙيءَ آس اُميد جون
ڳوڻن ۾ ڳالهيون؟

○

هيءَ ويسوڙي واندي
کهڙي جوئي آسري
کهڙيءَ ڪُوڙيءَ ڪاندي.

○

دير نہ وِجُهہ تو سُنهن
تولئہ وَنيءَ واندي مان
ٻاهر نڪتو مُنهن.

○

اوندھہ مَنجھہ چَتيون
آهن سانوڻ مينهن ۾
ڪنهن جون ڪار - ٻتيون؟

○

ماءُ نسورو پيارُ
ڪائي جهوپيءَ ٻاهران
چانهين لاڙي ٻارُ.

○

ڏِس، هي ڪير هُئو؟
تڙ تڙ سان بندوق جي
جيڪو آهہ مئو.

○

هيءَ ڪلاشن ڪوف
دهشت گرد لهولهان
ء چوطرف خوف.

○

وسريا واهيرا
واري وڻ طوفان ۾
کھڙا آکيرا!

○

مون کي هي تسڪين
تولئہ منهنجي شاعري
آ ديوار چين.

○

پَلَ اُڏامن تا
ڪان ڪان ڪري واءَ ۾
آلَ اُڏامن تا.

○

ڪيڏو مَنُ - اُلجهاءُ!
سَرءَ، سانجهي هيڪلي
پن ڇڻ وارو واءُ.

○

ڪيڏو اُترڙو
واءُ ڳُهلي تي هيڪلي
پکيءَ نہ پرڙو!

○

جيئڻ وِهہ پيئڻ
چئن نہ ڪو آرامُ آ
هي ڪهڙو جيئڻ!

○

هاڻي آنءُ نہ آنءُ
هاڻ تہ منهنجو سار مان
ڍاپي ويو هانءُ.

○

ڇو تون ويڳاڻو
ٻيا سڀ ساٿي اڄ جا
تنهنجو سياڻو

○

هي سامهون ڇاهي؟
واءُ گهلي ٿي هيڪلي
ڪوئي نہ آهي.

○

سانجهيءَ جي ٽاڻي
ڇا لئہ منهنجي اڄ ٻئي
پينگ وسي پاڻي

○

هِلون هيل هزار
اڄ نہ ڪنڌيءَ وڻ متان
ڳيرن جي ڳٽڪار.

○

جيڪا گهڙي آهہ
توکان سواءِ آنءُ ہي
هر شيءِ ترڙي آهہ.

○

توکي واريان آنءُ
منهنجا سپنا جيئري
توکي ماريان آنءَ!

○

جيئڻ مرڻ تون
منهنجو هن سنسار ۾
ٻيهر ورڻ تون.

○

مينهن ڪيا تذڪارَ
ٻرَ ٻِيلا گُلڙا
لوڙهي ڀرسان ٻار.

○

مون سان ڪيائون
جيڏيون جُنيون سنڌ ۾
وري نہ آئون...

○

سڄ سڄو سنسارُ!
هٿ ۾ ٻوڙهي هٿ - ٻتي
اوندهہ اندو ڪارُ.

○

تون ڄاڻين تو ڪيئن
يارِبَ آنءَ ڄمار ڪي
ڪاٽيو مارُن سِيئَن!

○

منهن تي مون زردي
پر ماڻهو هن ديس جا
ڪيڏا بيدردي!

○

تڏهن آئين يار!
جڏهن ڏٺءِ مون مٿان
مٽيءَ تي مينار.

○

”مون جئن بڪيڙو.“
نہ تان ڪانوَ ڏسي ڇيو
ٻارن جو جهيڙو.

○

آ ڪيڏي برسات
ڌرتيءَ مٿان نورَ جي!
مديني جي رات.

○

ايڏي دير نہ لاءِ!
اچ، پنهنجو کهنبو رَئو
گربي سُتڻ پاءِ!

○

واريءَ جا وسڪارَ
جنگ بدر هت لڳي
واهُ عجب اِسرار.

○

ڏس هي گهوڙي سوار
پوڙهو ٻيءَ ڪروندڙو
ڊڊيءَ مٿان ٻار

○

ڀهتو هان ڪاڏي؟
آنءُ ادب سان تو ڏسان
غارِ حِرا ڏي

○

اجھو وِھاڻي
جڳ مڙيو ئي سپنو
آسو آڪاڻي.

○

ٻوڙھي ڪي وِچڙو
اندر ڪيڏي ٻُٽَ آ
وائک جو جھوٽو.

○

پُڇ نہ، مونکان ڇو نہ؟
اڌِرِي ويو جي ھي پڪي
موٽي ايندو ڪونہ.

○

ڪوئي اھڙو ڏينھن
ناھي تنھنجي شاعري
پانديچريءَ مينھن؟

○

ڳهڳهيءَ ٽِڙيءَ ۾
ڪيڏا گيت ڪنا تيا
ٽانگر ٽِڙيءَ ۾!

○

مٿن تي دِلا
هيٺان پاڻيءَ ۾ پُسن
ڳهڳها ڳهر ڳِهلا!

○

ميان تون ڪوڙو
توڙي تنهنجيءَ ٻانهن ڪان
پڪو آ چوڙو.

○

آنءُ نہ ڄاڻان، پَر
ڪهڙا تنهنجي ديس جا
ڳنل ۽ ڳوڙُ.

○

وڻ ٻہ ڪيڏا وَڻ!
مٿان ٻيرن ڇانو آ
هيٺان ٻَڪرين ڏڻ.

○

ڇو سارين ٿو، تون
جيڪا ڪالھہ قنوج ۾
مولسريءَ خوشبو؟

○

گونجي ڪونہ مڪان
ڦهلي ڪالھہ بلال جي
اُبري جيئَن اِذانِ.

○

جيئي شال جيئي
هي جا ننڍڙي ٻارڙي
آمڙ کير پيئي!

○

ميان اچانڪ!
ڇُرا هنيئه سانت کي
ڇو ايڏي بڪ بڪ؟

○

واهڙ جو سوچيئه
تو جو ڇوڙي ڇيلڙي
بگهڙ جو سوچيه؟

○

تون ٿو ٻُولين مَڇُ
توکي کهڙي ٻوجهه ڇا
آهي سَچُ اَسَچُ.

○

هتان وڃ نه نِرهه
آئين ڪيڏي دور تان
ميان، هيءَ گِرهه!

○

ڏڍُنرن ڏارَ نہ پُل
توڙي تنهنجہ هائڪو
جهڙو چيريءَ ڳُل!

○

تون ئي ساھڙ ساھَہ
ڪاري رات ڪچو گهڙو
دڙ لاتا درياھہ.

○

دور ائين نيندو
سرتا! شاھہ لطيف جيئن
ڪوُ شاعر ٿيندو؟

○

ڏاڍو ڏور عقاب
چاهي پيو چهنب ۾
چايان مان مهتاب.

○

تن جي خوابن سان
تون اڄ وڇڙين ٿو پيو
ڪيئن عقابن سان؟

○

تي شام تہ آڪيرو
جڏ باز پيو ڳولي
هي پونءِ مٿان پيرو.

○

مهتاب ڇڏي ويندين
جنهن وقت مري ويندين
ڪجهہ خواب ڇڏي ويندين!

○

اڪين چيو، "ڇلُ
سامهون ڪيڏو سمنڊ آ!"
پر هي شور وَ غلُ!

○

اکيون وِچ عقابن ۾
منهنجي جو گذري وئي
ساري عُمر عذابن ۾؟

○

بيگاريءَ جي ڪَرَ
ٽبي پُل هيٺان ڏئي
پريانِ ڪهڙا ترَ؟

○

ڪاڏي وڃين ٿو؟
اڳتي رستا اوپرا
مورُ نہ مڃين ٿو.

○

مان ۽ هي مانداڻ
جيئن هرڻ ڪوڙڪيءَ
ڦڪي پنهنجو پاڻ.

○

ڏکَ ئي ڏکَ سَهندو
منهنجو روح رباب جئن
وڄندو ئي رهندو.

○

اکَ ڏسي آڏيءَ
هن ڇو پنهنجي مڙس کي
هٿ وڌو ڪاڏيءَ!

○

ڍَڪَ ڪٽي چاڏيءَ
پوٽيءَ کي ڏونٽرو ڏنو
پيار منجهان ڏاڏيءَ.

○

ڪيڏو اوچ لڪَن
منهنجي واٽ وڃي پئي!
ڏاگهن پيرَ ڏکن.

○

هيئن مري يا هوُنءَ
ماٺهو نيٺ مري وڃي
ڇا لئہ ڪنبي لُونءَ.

○

اُتن تي جهوٽا
ڪيڏو رستو تنگ آ
ٻُوڙن رانيوٽا!

○

ڪيڏو سيءُ، اُلاءِ!
چوڌاري ويٺا اڇي
ياءُ سڄاتو ياءُ

○

آمّا او آمّا!
ڇاجي لاءِ ڇٽيو هُيئہ؟
هي لوڏا لمّا!

○

اطلس جهڙو وهُ
مجلس اُن جي ڪَڙ مٿان
چوياريءَ جو چاهہ!

○

ڪتيءَ ڪکر جيئن
هي جو ڏنگا ڏينهڙا
گذري ويندا ائين.

○

"توکي لڳو ڪيئن؟"
"ماڻهو پاڇا موت جا
پردي مٿان جِيئن."

○

پائُو، ڪو آتت؟
موت وسي ٿو مينهن جئن
سارا نالا رَتُ.

○

ٽُلڪن تا ٽولا
ڪلفٽن جي بيچ تي
بجليءَ جا گولا.

○

چوڌاري آنڌيرُ
سياسي ماڻهو شَهر جا
ڄڻ ڪاريءَ تي پيرُ.

○

زالون توڙي مرد
ڪمري ۾ ڏيمي ٻتي
ڪيئي دهشت گرد.

○

گهٽيءَ ۾ فانوسُ
پاڻ لڪائي ٿو وڃي
حلقي ۾ جاسوسُ.

○

تن جي پيڙا ڏس!
ماٺهوءَ من ۾ ڪيترا
آهن ڪيڙا ڏس!

○

گويا ڙي گويا!
ڪالهہ ڪراچيءَ شهر ۾
لاش پئي لويا.

○

اکيون جي آڙجن
تولئہ پنڙا پيار جا
گهڙيءَ ۾ گهڙجن.

○

ڪيئن وساريان ڏينهُن
هو تنهنجون آليون ڇڳون
جن مان ٽپڪيو مينهن.

○

هو جيئاپچي ها
ڏاڍو مٺ متو هيو
ميڙو مَڇي ها!

○

پاڇا اُڏرن تا
هي منهنجي ديوانگي
ڇا ڇا اُڏرن تا!

○

هر پوڙهي مانجهيءَ
آهي نانءُ الله جو
سِڙهُ جيئن سانجهيءَ.

○

ڪيڏو هيڪل آنءُ
مون کي ڪوئي ڏڍ ڏي
منهنجو هيٺو هانءُ.

○

تو ڇا سوچيو هو؟
ڇا تو ههڙيءَ لوءِ لئہ
ايڏو لوچيو هو؟

○

آنءُ نہ ڄاتو هو...
مستقبل ۾ ڪنهن پلا
ليو پاتو هو؟

○

راتڙيون، سُس پُس
ٻاهر در مان اوچتو
جهاتڙيون، سُس پُس.

○

دل جون دوائون
جن جو اثر ڪونہ آ،
ءِ پو دعائون.

○

ڇا لئہ لنوِيو ڪانگُ؟
منهنجيءَ دل ۾ ڪونہ آ
اڄ تہ سفر سانگ.

○

منهنجي دُعا منجهہ
اُهي سڀ انسان ها
جيڪي آهن ڏنجهہ.

○

مٿان مماتي!
آنءُ ڪٿي سمجهو اڃان
ڇاهي حياتي!

○

ڇڻ تہ ٽماڪي تي!
مان تنهنجي سيڙهيءَ مٿان
پهرين ڏاڪي تي.

○

آنءُ تہ صلح ڪُل
ڪيڏا تپش ڏينهڙا
ڪوسِي واءُ نہ گُهل.

○

اڄ اي آزادي!
سڄَ ڏني آڪاس ۾
ڪنهن جي منادي.

○

دَر دَر ڍُهل وڄن
ڪيڏو ناچ ڪندي پيا
پنهنجا پير ڪڄن!

○

هيٺ نِوائي سِسُ
پنهنجيءَ رسيءَ تان ڪڏهن
انڌو ڪوهہ بہ ڏِسُ!

○

پاڻيءَ انت نہ پارُ
پنهنجو ٻيڙو سِير ۾
تون ئي تارڻهار.

○

هو ڪعبي تي چنڊ
مان ويٺو هانءِ ڪُنڊ ۾
مٿان گهوري مَنڊ.

○

ڪجهہ بہ ماڻهوءَ وَسِ
آهي ساڳي روهڙي
بيڪس؟ ڪِٿِ بيوس؟

○

ڄا جي. ايم. سيد
آهي تو وٽ اڳ جيان
اَڄُ بہ مُقيَدْ؟

○

کهڙا نيتارا؟
کوس گهرن تي ڪيترا
هٽين لامارا.

○

ڪالهہ جوانيءَ ۾
ڪنهن سان راول ڍئم تي
ڪشتي رانيءَ ۾.

○

گويا، ڙي گويا!
هتان جيئن اسپين ۾
لاش ڪڏهن لويا؟

○

شيلي، ڙِ شيلي
منهنجي تو جئن زندگي
ڪيڏي اڪيلي!

○

زولا، ڙي زولا!
منهنجي ساري زندگيءَ
تو وانگر رولا.

○

پرجي آيو هانءُ
ڪنهن در ڏيان دانهڙي
کهڙو ڏُکي آنءُ.

○

اوهي پهي ڪونہ
پنهنجي پيرن تي ڪَڙيِ
آهي وهي ڪونہ.

○

فردوسي، طوسي
اڄڪلھ تي ايرانَ ۾
واءُ لڳي ڪوسي!

○

اڄڪلھ گوليءَ ۾
مان جو ڪجھ توکي چيو
ڪالھ پروليءَ ۾.

○

تو تہ چيو "سڀ هيئن؟
پر تون تتر ڪارڙو
ٿاهي سگھندين ڪيئن؟

○

ڇا مون کو ترڻانءَ
هاڻ ڪراچي کي ڇڏي
ڪاڏي وڃان آنءَ؟

○

آيو ڪجھ جيءَ ۾
آنءَ هليو ويس اوچتو
مسجد نبويءَ ۾.

○

پروانا سڀ مات
پويان پڙڪا شمع جا
جيسين ڪُٽي رات.

○

نانا، او نانا!
ڇا اڄڪلهہ گذري ويا
تنهنجا زمانا؟

○

اُجيءَ اک آڏيِ،
ماهيڙياڻيءَ ڪڇ ۾
لسيءَ جي چاڏي.

○

ڏاڏا، او ڏاڏا!
تنهنجا اڄ پهاڙ ۾
ڪيڏا پڙاڏا!

○

او منهنجا الله!
تنهنجي منهنجي وچ ۾
اڄ ڪيڏا درياهه!

○

چنڊ ڪيو جو سڏ
ڪير تر تي ڳڻ جو
ڏس هي گهايل هڏ!

○

ڪارونجهر تي مور
سوچيو آهه پهاڙ جي
ڪيڏي ترڇي ڪور.

○

سِگَ نه سَرهه تاڻ
چو تو وڏين چنڊ ڏي
چو نه مڇين تو آڻ؟

○

مون چيو ”تون ڏُر؟“ چي
”بگهڙ اوناڙي ڪري
ڪيڙيءَ ۾ ڪُرچي“

○

هي دنيا جا ڪمّ!
اُتي چيلهہ سڌي ڪئي
جيڏي برسيا بمّ!

○

ڪندا ڪندا سَيڙهہ
تو ان جي هاتار سان
ڪانہ ڏني آ ويڙهہ!

○

ڪا شيءِ وسامي
پيهر ٻرٽي ڪانہ آ
هاتيدر، سامي.

○

چا تو ڏٺي هيل
اڳ جئن ساڳي آ اُتي
لکيدرَ رابيل؟

○

چاڻن تا نادان
ڪراچيءَ ۾ ڪيترا
آهن قبرستان؟

○

سِنُون اِئن ساهَه
مڇيون جئن درياهه مان
وَهِي اچن واهَه.

○

پَرَ چو پٽيائون؟
پوپٽ جيئن اڏار ۾
هيس ڪلهه آئون!

○

موت وڏو ماري
تنهنجون ڪيڏيون ڪوڙڪيون
دنيا هَچاري.

○

آ حيرت طاري
گلّ لڪائي ڪيترا
تِي ٿاري ٿارِي!

○

مون جو چيو ”ڪيئن؟“
گُل، ڦُڙن ۾ ماڪ جي
ٽِڙي چيو ”هيئن!“

○

ڪنهن ڪنهن ماريندؤ؟
ڪيسين پنهنجي موت جو
ٽاڻو ٽاريندؤ!

○

شايد ساريدءِ
مون جو ٻارڻ ٻاريو
تنهن تي گڏ تيندءِ.

○

جڻ تہ ٻُڏو سنسارُ
ڪيڏي چولي ننڊ جي
جنهن جو انت نہ پارُ.

○

ڪيڏي رتوڇاڻ
رستا ڌُٻا رت جا
ڪنهن کي ڪنهن جي ڪاڻ!

○

گُڙن پيا گهنڊَ
مون کي ڪيڏو دُور تون
سڏين پيئي ننڊَ.

○

توکي ڏينهن پيا
پونگي ڪالهہ پُري وئي
ڏاڍا مينهن پيا.

○

پُون پُون سارا تَر
ڪنهن ڪنهن گهر ٻجليءَ پکو
ٻهراڙي مَڃَر!

○

چنڊُ متانئس زرد
هو جو ٻِليءَ موڙ تي
آهي دهشت گرد.

○

ڌرتي، او ڌرتي!
تنهنجي ڪارڻ ڪيتري
پيڙا مون وَرتي.

○

ڪيڏا ٽاڪوڙا!
ڪالهہ اِئين ماٺھو مُئا
ڄڻ ڪي ماڪوڙا!

○

چِرِ ۾ سرگوشي
لاش وڃن ٿا وَئن تي
ڪيڏي خاموشي!

○

گھاٽو اُڏاٽو،
ڇا اڄ ڪنهن راڪيٽ سان
ٽاٽو اُڏاٽو؟

○

ماٺھو يا سايا
اورنگيءَ ۾ ڪير، جي
لاشَ کٽي آيا.

○

نينگرَ، ڙي نينگرُ!
آهن تنهنجي لڪَ جي
واڻن ڪيڏا وَر.

○

سامهون آهہ دَڙو
چڙهي پيئي نينگري
ڪٽي چيلهہ گهڙو

●

ايڏو ڏورِ نہ ڪاهِہ
ڪيسين چڙهندين چوٽيون
هاٽي پيرَ تہ ساهِہ.

○

پير وجي تيڏانهن
آهي اِڳتي ڪَربلا
جو بہ وجي جيڏانهن

○

جيڪي ليکَ لِکيو
ٽڪجي تنهنجيءَ واٽ ۾
ويهڻ مون نہ سڪيو.

○

اَلُڙ ڪان پوءِ ويرَ
ويرَ پٺيان اَلُڙ
ماڻهوءَ جي تقدير!

○

ڇا هِي مُنهنجو بخت؟
آهي ڇاپا ڪان سوا
مون تي جو بہ درخت!

○

سارَ، سِياري سيءُ
ٻاهر ڪِهڙي مونجهہ آ
اونهاري جي هيءُ؟

○

ڪٺن نہ ٻَنين ٻگهہَ
ويٺا آهن اُس ۾
توڙي اُڏرڻ سَگهہ!

○

پوپٽ! تون ڪيڏانهن
اُڏري وئين واءُ ۾؟
مون تہ چيو هيڏانهن...

○

ڪيڏيون چاندوڪيون!
ڇو تو وسري شاعري
شاعر ڪهڙو تون؟

○

ڪارَن ڪانوَن هُلَ
۽ هو املتاس جا
پيلا پيلا گُلَ.

○

ماٺھو مري نيٺ
ڪارا ڪٽيي واءُ ۾
سايون ٽاريون ھيٺ.

○

ڇا تي ڇرڪين تون؟
سينگاريءَ اوچو ٽپو
پاڻيءَ ۾ لھرون.

○

اُسّ ھئي ڪارِي
رڳو ڪولھڻ ڳيچ ھا
جن تي نہ واري.

○

سائيءَ ڇنّيءَ جيئن
بينو آھي وڻ مَٿان
لٽا ڀڄن ڪيئن!

○

گاڏي ڪُنارو
جنهن تي اُڏري پوئنتري
پيهرَ وَسڪارو.

○

واري نہ واري
ايڏيون پتر قلڙيون
ڦهليون چوڌاري.

○

ڇا ڪو آهي گهاٽ؟
ڇا ڪو تارٽهار آ؟
منهنجا لڳ اُچاٽُ.

○

موهيو ٻُڏايي
جيئڻ منجهان جيءُ تو
ڏاڍي نہ ڏاڍي.

○

تَنَ سگھارو تيئَن
نانءَ محمّد جو هيو
آبِ ڪوثر جيئَن.

○

پيئڻ ڪائڻ لاءِ
نہ، نہ ميان رَبَ ڪي
آهين پائڻ لاءِ.

○

هيءَ کھڙي جهاتي
جنهن سان بي معنيٰ لڳي
ساري حياتي!

○

تانءِ نہ تيندس مان
ساڳا پند پھاڙ جا
توڏي ايندس مان.

○

ماڻهو هڻيلو
توڙي هو سَڪرات ۾
سارين جو تيلو.

○

ڪيسي کَهندس مان
نيٺ تہ پنهنجي واٽ تي
ويندي ڀهندس مان.

○

ڪيڏو منهن پِيلو
هن جو سامهون موت جي!
ماڻهو هڻيلو.

○

آهہ ڪراچي ڪيئن
ماڻهو روز مرن پيا
مينهن وَساڻن جيئن.

○

ڪوئي ڏڍُ نہ ڏڍُ
ٻاهر هلن گوليون
چانئٺ ٻيرُ نہ ڪڍُ!

○

پاڙا ٻي پاڙا
سانجهيءَ سڄ ڇُپي ويو
ڪراچيءَ ماڙا.

○

جڻ هُوءَ وڻ تي نانھ
جڻ اوچي آڪاس ۾
آهي نيري چانھ!

○

گهڙيءَ لاءِ ڪِڙي
ڪيڏا گُلَ ڇٽن پيا
پٽيون پٽيون ٿِي!

○

پرجهي ڪيئن پَرانهِن
پيچ پنيءَ جو بيت تان
اُڏري ويئي سانهہ.

○

ڪنهن جا اڇڻ سانگَ
ويئا لنوَن سج لٿي
وٽن مٿان ڪانگ.

○

سارو صوبو گهر
اُتر وانگر شاعريءَ
لاڙ، وچولو، ٿرَ.

○

هي ماٺهوءَ جا ٻارَ
ڇا لئہ بينو تو چنين
اهڙا گُلَ انارَ؟

○

لٽو سڄ مٿن
ڪنڌيءَ مٿان ٻارڙا
ڪوڏر جنَ هٿن.

○

پائيندڙ پائي
سنڌو راهه رَمي وَئي
اڳتي واجهائي.

○

ڪٿن ڇڄي ڪنهن لاءِ
نه جي وڻ پرسان سڄي
خالي آهه سَراءِ.

○

ڇانيو سانجهيءَ وَن
جنهن ۾ ناريون سانوريون
چوليون، ڪلفتن.

○

هي جو اوچو ٻڙ
پاڻ تہ سڙي اُس ۾
سڀ سان اُن جو وڙ.

○

مون جو گهوري مَنڊُ
ڏنو ڪويل ڪُوڪ ڏي
پورنماسيءَ چنڊُ.

○

پپل تان ڪويل
ڪوڪِي ائن ڄڻ ڪُوڪ آ
پن پن ۾ پويل.

○

گهر ۾ اوسيئڙا
ڇايا ۾ ٻہ ٻارڙا
نِمُون، نوريئڙا.

اوچو کَھوءَ وَڻُ
هيٺان هڪ ريدار سان
آ ذرتيءَ تي ڏنُ.

○

سانجهيءَ جي ڪان ڪان
مونکي پتو مُند جو
پيو پکين مان.

○

سدا سائِي ٻير
هي جا گجي سمنڊ جي
ڇڻ ڪا ڦرِي ٻير.

○

ڪيئي ڪجاوا
ساگر مٿان گج جا
ڪاوا ئي ڪاوا.

○

رات رتي آهي
جڻ ڪائي آڪاس ۾
مَڏُ متي آهي.

○

سِجُ ڪڏيو جڏن سِس
آرس اوٻاسي ڏئي
جاڳيو پنهنجو جِس.

○

جڻ تہ ڪرشمو آ
چنڊ ٻُڏي ٿي ڪون تہ
گهرو چشمو آ!

○

ڪيڏو پڙهان ٿو
اڃان پيو چنڊ ڏي
چاڙهي چڙهان ٿو!

○

ان جو ناهہ جواب
آئي مند بهار جي
رکيو آنءُ ڪتاب.

○

هيءُ سَرو سامان!
ڪالهہ هيو اڄ ڪونہ آ
ڇا آهي اِنسان!

○

ڇوليون تہ ناهن
ڇڙ تہ ڪروڙين ٻيڙيُنِ
ڳُلَ ڪيا آهن؟

○

من مونجهو آهي
هي توکي تقدير جو
اڄ سونجهو آهي؟

○

هيءَ پري بازار!
ڇاجي لاءِ هليو وئين
ايڏي ڏُور ديار؟

○

ڪيڏي يار ٿڏي
آهين وَيو اوڇتو
کھڙيءَ لوءِ لڏي؟

○

بَس ڪر، هاڻ نہ لِڪ!
آخر هُن کي ڇا مليو
ڪجهہ غالب مان سِکُ!

○

وارياسي آؤيڙ...
ڇا آهي آڪاس ۾
بادل ڪائي ڄَڙ.

○

اوچو آ آڪاسُ
وليون اُن ڪي ڪٿن پُڄن؟
پهچي ويو واسُ.

○

ڏوڙئي ۾ مٽي،
آ تنهنجي ائين موت ۾
صورت آڻ چٽي!

○

ڌرتي منهنجو ديس
جنھ سارو آڪاس آ
مون تي منهنجو ويس.

○

جئن جاڳين، تئن خوابُ
ڌرتيءَ تان اڏري ويو
جنھ کو تيز عقاب.

○

"چو ڇرڪين ٿو تون؟"
"ماڪَ لڳي ٽي گاهہ تي
نانگن جون اکڙيون."

○

ماري هرڻيءَ کَي
لِڪي لڪا ڪينڪي
واريءَ اندر وَڌي.

○

ڪوتہ اُپائٽهارُ
ٿورو سوچ تہ ڪنهن هٿان
جوڙ، اهو جنسارُ.

○

هِن جا کهڙا ڏسَ
هي جيڪو نقاد آ
گورڪنن جاگس

○

آئي آهي ڪيرَ
هلڪا جنهنجا تا هُرن
ڇيهي جهڙا پيرَ؟

○

تا قڙن چوڏار ڏڻ
مند آهي مينهن جي
جهنگ ۾ ديوين وَڻ.

○

آشياني ڏانهن باز
نانهہ اوندهہ ۾ ويو
موت ۾ گيسو دراز.

○

زندگي ڪيڏي نہ ڳُهلَ ڳهل،
ڪوڪ ڪويل!

○

جي نہ آ خوفِ خدا،
سڀ رَوا.

○

آدمي پنهنجي گهرن،
ڇو مَرن؟

○

واهَہ جو تنهنجا بيان!
ڪيڏي چٽسالي ڪئي
آهہ گولين جي نشان!

○

ڪٿيءَ جي آڪاس ۾
اُبَ ڪئي بُڏتَر،
اَجيري نينگر.

○

اي جناب!
زندگي ساري گناهُ
شاعري ساري ثواب!

○

ماءُ تو
ان لئہ جِٽيو هو؟
زندگانيءَ جو ڏچو!

○

ڪيترا گل مهر جا
واءُ گُل
چاڻي چڏيا!

○

دور تان تنهنجا ٽڙا
جِڻ لڳن ٿا
ڏنيرا!

○

چنڊ پائي ڪيم خواب،
بادلن مان
لاجواب!

○

موت جئن خانہ خراب
جو ائين گهر تڙ ڇڏي
ماهتاب.

○

عمر خوابُ
واهہ ۾ وهندو وڃي
جئن ماهتابُ.

○

دورَ تي گهوڙي سوارُ
لاش ڪيڏا،
اقتدار!

○

آ سڄو جنجال تو وٽ
ڇا نہ بيت المال آهي
بيت منهنجا مال تو وٽ.

○

رات واسو خوف جو
اڄ گهرن ۾ تو مِلي
ڄڻ ڪلاشنڪوف جو.

○

ڄڻ وڍيندا هو وَڻن،
هن زماني ۾ ڪهاڙيون تا ڪٽن!

○

هي پڄيرو ۾ عوامي انقلاب،
تيز جئن تقدير هن جي،
ايترو، اُن کان شتاب.

○

مينهن
ڪٽيون

سنڌڙي تو ۾ هيون
جيئ جي هن دور ۾
بيل گاڏيون!

○

ها، ڪٿي چئجي هتان
ڪوئي دهشت گرد يا،
ڪوئي رينجر آ پريان.

○

ڪيئن چئجي ٿا ڪَٽو
موت جي بازار ۾،
زندگانيءَ جو سَٽو!

○

وهنجندي،
ڪائي ناري فرش تي
مينهَن ۾ جئن گُل ڪِري.

○

سامهون سوپاري
مُنهن آئيني جي اڳيان
ڏندن آگاري.

○

جاڳُ پنهنجيءَ ننڊ مان
موتُ تاڙيدار جو،
ڏِس، حوالاتيءَ هٿان!

○

موت جو مانڊاڻ آ
ماءُ ڪجهه ڳولي پئي
ٻار هُن سان ساڻُ آ.

○

هُو، ٻنل وردي وڃي ٿي
پر ڪلاشن ڪوف پرسان
آڻَ اڄ ڪنهنجي مڃي ٿي!

○

ذات پنهنجي ڪان نفي
چنڊ ڪيڏو وائڙو!
رات پر ذڪرِ خفي.

○

راهہ تي ويٺل فقير،
جئن وڏايو هٿ ڪي
ڇا ڇيو تي راهگير.

○

شامر جو حالي حوالي
الغزالي.

○

هي نہ آهي ڪا سَراءِ
مينهن جيسين بند ٿئي
آءُ اندر، اڪ لاءِ!

○

اي مسافر ڪيترو
پنڌ سانجهيءَ جو ڪندين
سجُ آ سَر ۾ ٻُڏو.

○

ٻَؤنڪڙا ڪيئي ڪُتا
نيڻ تڪجي، ماڻ ٿي
ننڊ تنهنجي ۾ سُتا.

○

اشتراڪي سامراج
ڪو رڍن جو ڌڻ نہ آ
مارڪس، انساني سماج!

○

نثر تو تنهنجو وٺي
نظم ڪي مان ڪٿن ڇڏيندس
بار هيو ڪوئي ڪٽي.

○

ڇا پڌو تو؟
جڏهن هُيس تلوار وانگر،
داستان گو.

○

نيٺ ڪنهنجي؟
هيءَ تيھڙ جئن تجوڙي
سيٺ ڪنهنجي؟

○

شاعري سان ڪئن جهليندين؟
جو بہ ڏمّي ڏار آهي
جنگ ٿيندي جنگ ٿيندي.

○

تا ڪِرا ماٺھو ڪٿن
ڪنگ حسرت مان پيا
سَر سُڪي ڪي ڇڻ ڏسن.

○

ڪيستائين هي پڙاڏو
لڙڪڙائيندو وڃي ٿو
آهي ٿوڙي روهہ آڏو.

○

ڪيستائين هي چُڪي؟
وقت! هي تنهنجي ندي
نيٺ وڃي آ سُڪِي.

○

سانت چيري
گهنڊ ڇاڇا
منهن انڌيري.

○

ڇانوَ ۾ تيستائين ڪٽي ويهہ تون
لوهہ پيئي لڳي، ڏينهن ٺاري تہ وڃُ!
سجَ ٻهرين لهي ٻو جهڳي پيهہ تون!

○

ڪئن وساري بنسري
شيام! مون پنهنجي ڪٿي؟
ڇا وڃائيندڙ وري؟

○

ديد منهنجي تي ڏسي
هو فلاحي مملڪت
دور جهڙي ناروي.

○

منهن انڌيرو، رات پاڇا
دور تائين تا وڃن اڄ
سانت چيري گهنڊ ڇا ڇا!

○

آ اچان ڪجهہ آس ۾
ڏس ڪڪر اجرڪ ڍڪي
تا اچن آڪاس ۾

○

ڇانو ٿالهيءَ جي هُئي
عاشقي جنهن جاءِ تي
ڪالهه توسان تي هئي.

○

گيت تنهنجو گُهور مان
(آءُ بلي شاهه آهيان)
ٿا وڃن تنبور مان.

○

جڻ شفق ۾ تو ڪهين
زندگيءَ جي شام ۾
سجَ وانگر تو لهين.

○

يادگيريون ٿيون بچن
ڳالهڙيون لاهور جون
ياد هَرهَر ٿيون اچن.

○

نِمَ هينان ننڊ ڏَڻ جي
ڪيتري پياري لڳي!
ڏرتتيءَ ۾ چانوَ وڻ جي.

○

هيءَ چارڻ چَنگ آهي
جهٽ لڳي، تارا ٽٽي ويو
ڪيترو آڙبنگ آهي!

○

لهي سُورج اُجهامي ٿو
شفق آڪاس ۾ آهي
پڪي ڪوئي اُڏامي ٿو.

○

ڏينهڙا ڪٽڻ تا لهن
ماڪَ وانگر لُڙڪ اَڄ
رات جو ڇا تا ڪَهن؟

○

دورُ هوندي ڏُور ناهين
اوءِ منهنجي مورڳي
دور مون کان مورُ ناهين.

○

عشق جو اظهار مون
چو نہ کلهہ توسان ڪَيو
چو وڃايو پيار مون.

○

مان اگر ميهار آهيان
گهيڙ آ، گهڙندي تہ مرندي
هيل سُهڻيءَ کي بچايان؟

○

ڪجهہ تہ تون ڳائين پئي؟
اڄ ڦٽي ڏيندي جڏهن
وار سلجهائين پئي.

○

ننڊ آهي چو ڦٽي
ياد ٿي مون کي اچي
اڄ وري تنهنجي گهڻي.

○

جڻ وهاڻيءَ ويل جو
ٿي ڪري سَرسر هوا
ڏس تہ گل رابيل جو!

○

تون ٻُلي آهين پرِين!
مان تہ ڪو ميهار ناهيان
گهيڙ ۾ چوتي گهرين؟

○

ٿي گهٽائن مان اچين
اڄ اتر جي پار کان
تون هوائن مان اچين!

○

هي رونبي ۾ پنوهاريون
خاموشيءَ ۾ گيت ٻڌي ويا
جهونجهڪڙي ۾ جيئن ساريون.

○

ڪيستائين هي قطارون؟
ايترو آهن اڇوتيون
ڪونج! اڄ تنهنجون نِهارون!

○

پل ته وجهه تون ست رڃي
سمنڊ کي ڳولي پئي
پو به مڇلي گهر مڃي.

○

لونءَ ۾ لهڪن پيا
زلف تنهنجا رات جو
مُشڪ جئن مهڪن پيا.

○

سار ڪئن سگهندينءَ چِني؟
هي سڪ جو واڳرو
راتڙي آهي ٻني!

○

چار ڏن جا ڇهڇها
بزمر ۾ هوندا ائين
ڪيستائين ٽهڪڙا.

○

جيئن سندءِ رخسار يارَ
ڪيستائين هي گُلاب
ڪيستائين هي انار؟

○

آهه توڙي روهه آڏو
لڙڪڙائيندو وڃي ٿو
ڪيستائين هي پڙاڏو؟

○

اجان پرندين پيو پَونرا؟
لڳي تي لُڪ ٻپهري آ
اڃي ويا تنڊ ۾ ڏونرا.

○

دورُ تان تنهنجي پُڪار
عمر ڀر ايندي رهي
ترس تورو، ڏيرُ ڌار.

○

"ڇٽو نغاري چوٽَ آهيان
تون ڏٺين ڪنهن ڪان پيو تو
آنءُ تنهنجي اوٽَ آهيان."

○

"موت کي تون مات ِ ڏيندين
ڪجهه اجان ڪَرٽو اتيئي
پوءِ ايندين، پوءِ ايندين."

○

موت وانگر مَڇَ آهي
شاعري تنهنجي ايئن جئن
مورڙئي جو رَڇَ آهي.

○

ڪٿ تون؟ ڇا لاءِ آهين؟
تو سڃاتو پاڻ ناهي
دور تو ڪيڏانهن ڪاهين؟

○

واهه ۾ پاڇو ڏسين تو؟
سات هُن سان آهه وڻ جو
تون تہ لهوارو لُڙهين تو!

○

هي نہ متارن هَندُ
ويني آهي مانُ ۾
موکيءَ کُٽو منڌ.

○

هي سجي گھڙي
اُتر واءُ لڳي پيو
اُڏري ٿي مِٽي.

○

ڏور جبل جيڏانهن
ڪونج ڪريڙي اوچتو
اُڏري وئي ڪيڏانهن؟

●

ڪيئن ڪِدايان ڪنڌ
ڏونگرَ ڏينهن لهي ويو
پوءِ بہ نہ پڳو پنڌ.

◎

ڪمري ۾ بوسٽ
اُڏري آيو در منجهان
ٻاهر ڪان پوپٽ.

○

چِٽ جنهن ڪي چائتَ
اَڄ چو آئي اوچتو
سا چوڙيلي چِٽَ.

○

آنءُ اڪيلو گهٽُ
توڙي ڪندا ٻاہرا
پَٽُ لڳي ٿو پَٽ:

○

آهي سانجهي ٿي
اُڏري ٿو آڪاس ۾
هيڪڙو پنڇي.

○

هاڻي هوڏ نہ هڻُ
ڪوئي ساٿ نہ سنگ آ
مان ۽ منهنجو مَنُ.

○

هاڻ رڳو گونجون
توليون تي اُڏري ويون
ڪَرڪي سڀ ڪُونجون.

○

ٻولي ڪير لهي
سارس ٻوليو ٻَرپرو
وچ ۾ واھہ وهي.

○

ڪاريءَ اُس ڪَڙهي
اُرهہ نہ ماڀي ڪانچوئو
جئن هوءَ پِٽ چَڙهي.

○